# سنڌ آرڊيننس نمبر XVII مجريه 1994

# SINDH ORDINANCE NO.XVII OF 1994

# ڊاڪٽر ضياءُالدين پوسٽ گريجوئيٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز آرڊيننس، 1994

# THE DR. ZIAUDDIN POST GRADUATE INSTITUTE OF MEDICAL SCIENCES ORDINANCE, 1994

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definition

3. اداري جو قيام

Establishment of Institute

4. اداري جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the Institute

5. ادارو سڀني لاءِ کليل هوندو

Institute open to all

6. سرپرست

Patron

7. چيئرمين

Chairman

8. ڊائريڪٽر پوسٽ گريجوئيٽ اسٽڊيز

Director post graduate studies

9. ڊائريڪٽر ماليات

Director Finance

10. امتحانن جو ڪنٽرولر

The Controller of Examinations

11. بورڊ آف گورنرز

Board of Governors

12. بورڊ جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the Board

13. اڪيڊمڪ بورڊ

Academic Board

14. سليڪشن بورڊ

Selection Board

15. فنڊ ۽ رپورٽس

Fund and Reports

16. رنڊڪون هٽائڻ

Removal of Difficulties

# سنڌ آرڊيننس نمبر XVII مجريه 1994

# SINDH ORDINANCE NO.XVII OF 1994

# ڊاڪٽر ضياءُالدين پوسٽ گريجوئيٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز آرڊيننس، 1994

# THE DR. ZIAUDDIN POST GRADUATE INSTITUTE OF MEDICAL SCIENCES ORDINANCE, 1994

[25 آگسٽ، 1994]

آرڊيننس جنهن ذريعي ڊاڪٽر ضياءُ الدين پوسٽ گريجوئيٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز قائم ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڪراچي ۾ ڊاڪٽر ضياءُ الدين پوسٽ گريجوئيٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز جو قيام ۽ اداري کي ڊگريون، ڊپلوماز يا سرٽيفڪيٽس ۽ لاڳاپيل معاملن لاءِ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

## باب ـI

## شروعات

## Chapter_I

## Preliminary

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن آرڊيننس کي ڊاڪٽر ضياءُ الدين پوسٽ گريجوئيٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز آرڊيننس، 1994 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definition

2.هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي:

a) ”اڪيڊمڪ بورڊ“ مطلب اداري جو اڪيڊمڪ بورڊ؛
b) ”بورڊ“ مطلب بورڊ آف گورنرز؛
c) ”چيئرمين“ مطلب بورڊ جو چيئرمين؛

d) "امتحانن جو ڪنٽرولر" مطلب اداري جي امتحانن جو ڪنٽرولر؛

e) "ڊائريڪٽر" مطلب اداري جو ڊائريڪٽر؛

f) "ڊائريڪٽر ماليات" مطلب اداري جي ماليات جو ڊائريڪٽر؛

g) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

h) "انسٽيٽيوٽ" مطلب هن آرڊيننس تحت قائم ڪيل ڊاڪٽر ضياءُالدين پوسٽ گريجوئيٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز؛

i) "ميمبر" مطلب بورڊ جو ميمبر؛

j) "سرپرست" مطلب سنڌ جو گورنر؛

k) "بيان ڪيل" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدن تحت بيان ڪيل؛

l) "سليڪشن بورڊ" مطلب اداري جو سليڪشن بورڊ؛

m) "ٽرسٽ" مطلب ڊاڪٽر ضياءُالدين هاسپيٽل ٽرسٽ؛

اداري جو قيام
Establishment of Institute

3.(1) هڪ ادارو قائم ڪيو ويندو، جنهن کي ڊاڪٽر ضياءُ الدين پوسٽ گريجوئيٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ڪراچي سڏيو ويندو.

(2)ادارو ڊاڪٽر ضياءُ الدين پوسٽ گريجوئيٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ڪراچي جي نالي سان باڊي ڪارپوريٽ هوندو ۽ ان کي حقيقي وارثي ۽ عام مهر حاصل هوندي ۽ جاٽايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندو ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

| اداري جا اختيار ۽ ڪم<br>Powers and Functions of the Institute | 4.اداري کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا: |
|---|---|

(a)هيٺين پوسٽ گريجوئيٽ ڊگريز/ڊپلوماز لاءِ هيلٿ سائنسز ۾ تدريس، تربيت، تحقيق ۽ مظاهرو فراهم ڪرڻ:

(1)ايم ڊي

(2) ايم ايس

(3) ڊي جي او

(4) ڊي سي ايڇ

(5) ڊي ايم آر ڊي

(6) ڊي سي پي

(b) چارٽ جي واڌاري ۽ فراهمي لاءِ ريسرچ مئنيجمينٽ، ڊولپمينٽ پروگرامز لاءِ گنجائش جوڙڻ، اهڙيءَ ريت جيئن اهو طئي ڪري؛

(c)ان طرفان ۽ ان جي الحاق ٿيل ادارن طرفان پڙهائجندڙ ڪورسز آف اسٽڊيز بيان ڪرڻ؛

(d)امتحان منعقد ڪرڻ ۽ داخل ٿيل ۽ بيان ڪيل شرطن موجب انهن جا امتحان پاس ڪندڙ ماڻهن کي اعزاز ۽ ڊگريون، ڊپلوماز، سرٽيفڪيٽس ۽ ٻيون تعليمي سندون ڏيڻ.

(e)بيان ڪيل شرطن موجب ادارن کي الحاق ڏيڻ ۽ الحاق ختم ڪرڻ؛

(f)ٻين اسپتالن ۽ ادارن ۽ سڪيا جي جڳهن تي شاگردن

طرفان پاس ڪيل امتحانن ۽ گذاريل پڙهائي جي عرصي کي ادارن ۾ اهڙن امتحانن ۽ پڙهائي جي عرصي برابر قبول ڪرڻ جيئن اهو طئي ڪري ۽ اهڙي قبوليت ختم ڪرڻ؛

(g)تدريس، تحقيق، تربيت، صلاحڪاري، انتظاميہ ۽ ٻين لاڳاپيل مقصدن لاءِ آساميون پيدا ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ ماڻهو مقرر ڪرڻ؛

(h)تدريس ۽ تحقيق جي ترقي لاءِ سکيا جا مرڪز قائم ڪرڻ ۽ انهن جي مرمت، انتظامن ۽ انتظاميہ لاءِ اهڙا انتظام ڪرڻ جيئن اهو طئي ڪري؛

(i)تحقيق، ڪنسلٽنسي ۽ ايڊوائزري خدمتن لاءِ گنجائش جوڙڻ ۽ انهن شين سان ٻين ادارن سان انتظامن ۾ شامل ٿيڻ يا پبلڪ ۽ پرائيويٽ باڊيز سان بيان ڪيل شرطن تحت انتظامن ۾ شامل ٿيڻ؛

(j)اداري جي دائره ڪار ۾ ايندڙ سرگرمين ۾ حڪومت، قومي ۽ عالمي تنظيمن، ادارن ۽ يونيورسٽيز سان سهڪار کي هٿي وٺرائڻ؛

(k)اهڙا ٻيا قدم کڻڻ ۽ شيون ڪرڻ، جيڪي تعليم، سکيا، تحقيق ۽ مشاورت لاءِ اداري جا وڏيڪ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن؛

(l)اداري جي هيلٿ سائنس سهولتن جون مک پڙهائي جون سهولتون ڊاڪٽر ضياءُ الدين اسپتال ۽ ان جي الحاق ٿيل اسپتال ۽ مرڪزن تي مشتمل هونديون.

**ادارو سيني لاءِ کليل هوندو**
**Institute open to all**

5.ادارو هر جنس جي ماڻهن لاءِ کليل هوندو ۽ پوءِ اهي کھڙي بہ مذهب، نسل، طبقي، ذات، رنگ يا ڊوميسائيل سان تعلق رکندا هجن، جيڪي تعليمي طور اداري طرفان ڪورسز آف اسٽڊي ۾ داخلا لاءِ اهل هجن ۽ اهڙو ڪو بہ شخص فقط جنس، مذهب، نسل، ذات، طبقي، رنگ يا ڊوميسائيل جي بنياد تي مراعات ڏيڻ کان انڪار نہ ڪيو ويندو.

**سرپرست**
**Patron**

6.(1)سنڌ جو گورنر اداري جو سرپرست هوندو.

(2)سرپرست جڏهن حاضر هجي اداري جي ڪانووڪيشن جي صدارت ڪندو.

**چيئرمين**
**Chairman**

7.(1)ٽرسٽ جو چيف ٽرسٽي چيئرمين ۽ اداري جي ڪنٽرولنگ اٿارٽي هوندو.

(2)جيڪڏهن چيئرمين مطمئن آهي تہ بورڊ، سليڪشن بورڊ يا اڪيڊمڪ بورڊ جون ڪارروايون هن آرڊيننس جي گنجائش موجب نہ آهن تہ لکت ۾ حڪم ذريعي اهڙي بورڊ کان سبب طلب ڪرڻ بعد تہ ڇو اهڙيون ڪارروايون ختم نہ ڪيون وڃن، ڪارروايون ختم ڪري سگهي ٿو.

(3)سرپرست جي غير حاضري ۾ چيئرمين ڪانووڪيشن جي صدارت ڪندو.

(4)چيئرمين اداري سان لاڳاپيل معاملن جي سلسلي ۾ ڪنهن بہ معاملي بابت معائنو يا جاچ ڪرائي سگهي ٿو ۽

ان مقصد اهڙو ماڻهو يا اهڙا ماڻهو مقرر ڪري سگهي ٿو، جيئن اهو مناسب سمجهي.

(5)چيئرمين ذيلي دفعه (1) تحت رپورٽ ملڻ تي اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو جيئن اهو مناسب سمجهي ۽ ڊائريڪٽر اهڙين هدايتن تي عمل ڪندو.

ڊائريڪٽر پوسٽ گريجوئيٽ اسٽڊيز
Director post graduate studies

8.(1)ڊائريڪٽر چيئرمين طرفان مقرر ڪيو ويندو، جيڪو سندس مرضي موجب عهدو رکندو ۽ جيستائين اڳواٽ هٽايو نه وڃي ٽن سالن جي عرصي تائين عهدو رکندو اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب، جيئن چيئرمين طرفان طئي ڪيو وڃي.

(2)ڊائريڪٽر اداري جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو، جنهن کي تعليمي ۽ انتظامي معاملن تي اختيار حاصل هوندو ۽ اها پڪ ڪرائيندو ته هن آرڊيننس جي گنجائشن ۽ قاعدن تي ايمانداري سان نظر رکي پئي وڃي.

(3)ڊائريڪٽر ايمرجنسي ۾، جيڪا سندس خيال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ جي طلبگار آهي، اهڙو قدم کڻي سگهي ٿو جيڪو اهو ضروري سمجهي، ۽ ان کانپوءِ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي ان قدم بابت بورڊ کي آگاهه ڪندو.

ڊائريڪٽر ماليات
Director Finance

9.(1) ڊائريڪٽر فنانس چيئرمين طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيو ويندو، جيئن اهو طئي ڪري.

(2)ڊائريڪٽر فنانس:

(a)اداري جي ملڪيت، ماليات ۽ سيڙپڪاريون سنڀاليندو.

(b)اداري جا ساليانا ۽ نظرثاني ٿيل ڪاٿا تيار ڪندو ۽ انهن کي بورڊ آڏو منظوري لاءِ پيش ڪندو؛

(c)خاطري ڪرائيندو تہ اداري جا فنڊز ان مقصد لاءِ خرچ ڪيا ويا آهن، جنهن لاءِ مهيا ڪيا ويا هيا؛

(d)اهڙيون ٻيون ذميداريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

امتحانن جو ڪنٽرولر
The Controller of Examinations

10. امتحانن جو ڪنٽرولر چيئرمين طرفان مقرر ڪيو ويندو ۽ امتحان ڪرائڻ سان لاڳاپيل سمورن معاملن لاءِ ذميدار هوندو ۽ انهن جو رڪارڊ بهتر نموني رکڻ لاءِ ذميدار هوندو ۽ اهڙيون ٻيون ذميداريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

بورڊ آف گورنرز
Board of Governors

11.(1) بورڊ آف گورنرز هوندو، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:

| | |
|---|---|
| (a)ٽرسٽ جو چيف ٽرسٽي | چيئرمين |
| (b)ڪراچي يونيورسٽي جو وائيس چانسلر | ميمبر |
| (c)چيف جسٽس طرفان نامزد ڪيل سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جج | ميمبر |
| (d) ڊائريڪٽر | ميمبر |
| (e)يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن جو هڪ نمائندو جيڪو ڪل وقتي ميمبر جي | ميمبر |

عهدي کان گهٽ نہ هوندو

(f)هڪ ڊين چيئرمين طرفان نامزد ڪيو ميمبر ويندو

(g)ٻہ نالي وارا شهري چيئرمين طرفان نامزد ميمبر ڪيا ويندا

(h)صحت کاتي جو هڪ نمائندو ميمبر

(i)پاڪستان ميڊيڪل ۽ ڊينٽل ڪائونسل ميمبر جو هڪ نمائندو

(2)ايڪس آفيشو ميمبرز کانسواءِ ميمبر چيئرمين جي مرضي موجب عهدو رکندا ۽ جيستائين اڳوات هٽايا نہ وڃن بورڊ جي پهرين گڏجاڻي جي تاريخ کان ٽن سالن تائين عهدو رکندا.

(3)ايڪس آفيشو کانسواءِ ميمبر عهدو نہ رکندو جيڪڏهن اهو بنا جوڳو سبب ٻڌائڻ جي بورڊ جي لڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ غير حاضر رهندو.

(4)بورڊ جي گڏجاڻين جي چيئرمين طرفان صدارت ڪئي ويندي ۽ سندس غير موجودگي ۾ چيئرمين طرفان نامزد ڪيل ميمبرز منجهان هڪ طرفان يا سندس غير موجودگي ۾ موجود ميمبرز طرفان ميمبرن منجهان چونڊيل هڪ طرفان صدارت ڪئي ويندي.

(5)بورڊ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ڀيرا گڏجاڻي ڪندو.

اهڙين تاريخن تي جيڪي ڊائريڪٽر طرفان چيئرمين سان مشوري بعد طئي ڪيون وينديون.

(6)بورڊ جي گڏجاڻي جو ڪورم ڪل ميمبرز جي اڌ برابر هوندو, جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.

(7)بورڊ جا فيصلا موجود ميمبرن جي اڪثريت جي راءِ ۽ ووٽنگ سان ڪيا ويندا ۽ برابر ٽيڻ جي صورت ۾, گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندڙ کي ووٽ حاصل هوندو.

بورڊ جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Board

12.(1) بورڊ اداري جو حڪمت عملي جوڙيندڙ ۽ ايگزيڪيوٽو باڊي هوندو ۽ هن آرڊيننس جي گنجائشن ۽ قاعدن موجب اداري جي معاملن تي عام نظرداري حاصل هوندي.

(2)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ, بورڊ کي اختيار هوندا:

a) اداري تي مڪمل ضابطو حاصل هوندو;
b) اداري جا استاد ۽ ٻيا عملدار/عملو مقرر ڪرڻ ۽ انهن جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا طئي ڪرڻ;
c) اداري طرفان حاصل ڪيل ۽ خرچ ڪيل رقمن ۽ اداري جي اثاثن ۽ ذميدارين جي اڪائونٽس جا جوڳا ڪتاب جوڙڻ;
d) بجيٽ ڪاٿن, ساليانن تحقيقي پروگرامن, سالياني رپورٽس ۽ اداري جي اڪائونٽس جي آڊٽ ٿيل اسٽيٽمينٽس تي غور ڪرڻ ۽ منظوري ڏيڻ;
e) خرچ جي هڪ ميجر هيڊ مان ٻئي ۾ فنڊز کي لڳائڻ;

f) اداري طرفان نيڪن ۾ داخل ٿيڻ، تبديل ڪرڻ، جاري رکڻ ۽ رد ڪرڻ؛

g) پروفيسرشپس پيدا ڪرڻ بشمول پروفيسر اميريٽس، ايسوسيئيٽ پروفيسر شپس، اسسٽنٽ پروفيسر شپس، ليڪچرر شپس ۽ ٻيا انتظامي عهدا ۽ انهن تي سليڪشن بورڊ جي سفارش تي مقرريون ڪرڻ؛

h) منتقل ڪيل ملڪيت ۽ گرانٽس، وصيتون، ٽرسٽس، تحفا، عطيات، انڊومينٽس ۽ اداري کي ڪيل ٻيا ڪنٽريبيوشنز حاصل ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ ۽ اهڙي ملڪيت، گرانٽس، وصيتن، ٽرسٽس، تحفن، عطيات، انڊومينٽس يا ڪنٽريبيوشنز جي نمائندگي ڪندڙ ڪو فنڊ سيڙائڻ، اهڙيءَ ريت جيئن اهو مناسب سمجهي؛

i) اداري جي تدريسي ۽ غير تدريسي عملي جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا بيان ڪرڻ، بشمول انهن جي قابليت، تجربي ۽ مقرري لاءِ اهليت جي؛

j) پنهنجا ڪي به اختيار سواءِ بجيٽري ڪاٽن جي منظوري واري اختيار جي ڊائريڪٽر يا چيئرمين طرفان مقرر ڪيل ڪميٽي، يا ڪنهن ٻئي عملدار کي منتقل ڪرڻ؛

k) هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب مختلف بورڊز جي ميمبرز جي مقرري جي منظوري ڏيڻ؛

l) اداري جي اڪائونٽس جي ساليانې آڊٽ لاءِ آڊيٽرز مقرر ڪرڻ؛

m) بورڊ طرفان مقرر ڪيل ملازمن کي بيان ڪيل

طريقي موجب معطل ڪرڻ، سزا ڏيڻ ۽ ملازمت کان برطرف ڪرڻ؛

n) قاعدا جوڙڻ جيڪي هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهن؛

o) اداري سان لاڳاپيل ٻيا سمورا معاملا جوڙڻ، طئي ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ سمورا ٻيا اختيار استعمال ڪرڻ جيڪي هن آرڊيننس ۾ بيان نہ ڪيا ويا هجن.

اڪيڊمڪ بورڊ
Academic Board

13.(1) اڪيڊمڪ بورڊ هيٺين تي مشتمل هوندو:

(a)اداري جو ڊائريڪٽر؛ چيئرمين

(b)ڊينس ۽ اداري جا پروفيسرز (بشمول پروفيسر اميريٽس جي)؛ ميمبر

(c)امتحانن جو ڪنٽرولر؛ ميمبر

(d)ميڊيڪل سائنس/لاڳاپيل مضمونن جا ٻہ ناميارا ماڻهو بورڊ طرفان ڊائريڪٽر جي سفارش تي ٽن سالن لاءِ نامزد ڪيا ويندا.

(2)اڪيڊمڪ بورڊ سمورن تعليمي معاملن بشمول ڪورسز، نصاب، امتحانن، ڊگريز، ڊپلوماز ۽ سرٽيفڪيٽس ۽ انهن سان لاڳاپيل معاملن لاءِ ذميدار هوندو.

(3)اڪيڊمڪ بورڊ جون گڏجاڻيون ايتريون تڪڙيون ڪوٺايون ويندديون، جيترو ممڪن ٿي سگهي، پر ساليانو ٻہ

کان گهٽ نہ هونديون.

(4) گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرز جي اڌ برابر هوندو.

سليڪشن بورڊ
Selection Board

14.(1) تدريسي فيڪلٽي ۾ عهدن تي سموريون مقرريون بورڊ طرفان سليڪشن بورڊ جي سفارش تي ڪيون وينديون، جيڪي مشتمل هونديون:

(i) چيئرمين؛

(ii) ڊائريڪٽر؛

(iii) اڪيڊمڪ بورڊ طرفان نامزد ڪيل ٽي پروفيسرز؛

(iv) بہ نامور ماڻهو جيڪي اداري جا ملازم نہ هوندا.

(2) ٻيون سموريون مقرريون بيان ڪيل طريقي موجب ڪيون وينديون.

(3) چار ميمبر سليڪشن بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم جوڙيندا.

فنڊ ۽ رپورٽس
Fund and Reports

15.(1) اداري کي هڪ فنڊ هوندو جنهن ۾ فيس، عطيات، ٽرسٽس، وصيتن، انڊومينٽس، گرانٽس، الحقاق في، ڪورس في ۽ ڪنٽريبيوشنز مان حاصل ٿيندڙ رقم رکي ويندي.

(2) اداري جو مک ۽ ٻيهر ڪيل خرچ ٽرسٽ طرفان ڪيل ڪنٽريبيوشن مان ڪيا ويندا.

(3) ڪو بہ خرچ فنڊز مان نہ ڪيو ويندو، جيستائين ان جي ادائگي جو بل هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدن

موجب اداري جي آڊٽ آفيسر طرفان آڊٽ نہ ڪيو ويجي.

(4) اڪائونٽس جو سالیانو اسٽيٽمينٽ ۽ ان سلسلي ۾ آڊٽ رپورٽ بورڊ کي جمع ڪرائي ويندي.

(5) ادارو حڪومت کي هر سال سالیانو آڊٽ ڪيل اڪائونٽس تي رپورٽ، گذريل سال دوران اداري جي سرگرمي تي رپورٽ ۽ ان جي سرگرمين بابت اهڙي معلومات فراهم ڪندو، جيئن حڪومت طرفان چيو ويجي.

رنڊڪون هٽائڻ
Removal of Difficulties

16. جيڪڏهن هن آرڊيننس جي ڪنهن گنجائش کي موثر بڻائڻ ۾ ڪا رڪاوٽ پيش اچي، ڪنٽرولنگ اٿارٽي بورڊ جي سفارشن تي اهڙيون هدايتون ڏئي سگهي ٿي، جيڪي ڄاڻايل گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نہ هجن، جيئن اها اهڙي رڪاوٽ هٽائڻ لاءِ ضروري سمجهي.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**